”مردن ۾ جو حسد ڏاڍو گهٽ آهي نه؟ مان ته ڪنهن مرد جي توهان جي اڳيان ساراهه ڪريان ته ڪٽي چوڻيءَ ڪان پٽي جيسين ڦٽو نه ڪريوم تيسين جيڪر رت پيو ٿهڪيو.“

”ڇڏيس ماڻهين ڪي، ديوڪا جي ماءُ جي ساراهه ڪيم ته سندس خون ٿهڪي ويو.“

”مان ته چوانوَ ٿي نه، ته آٽي ڪٽي وهاريوس گهر ۾ ٻيو ڇا ڦاهو ڪان؟“

”چري آهين چري.ڪئين ماڻهو ڪڪٽريسن جي ساراهه ٿا ڪن ته آٽي ڪٽي گهر ۾ ويهاريندا؟ گيتا پارتي وٽ وڃي هلندي آهين ته انڪيءَ گهر اچي وهاريان؟ ڇڏ هاڻي گهپي.“

”توهين جي ديوڪا جي ماءُ جي پيٽ ڪنداڪڪٽريسن يا گيتا پارتيءَ سان تمباهه ڪانه لڳندي مونکي؟ ٽڪي جي ماسترياڻي، ماستري ڪري ته ڏيءَ کي ڪاليج.ٻوٽ چو ٽڪبند ڪريو، ڪو گار ته ڪانه ٿي ڏيانس؟“

”ماسترياڻي معني هن يگ جي گڪيڊ، معني رهبر، معني گرو تنهنکي تون ٽڪي جي چوندينءَ، انکان وڌيڪ کهڙي گار ٿيندي آهي.“

”هاڻي دادا، پاپي پلي توهين پاڻ ۾ ڳالهايو. مان ڪيڏانهن پاڙي ۾ هلي ٿي وڃان.“

”نه پٽ هن مهل سيني جي گهرن ۾ مردن جي اچڻ جو وقت آهي. ماڻهين کي دوا ڏيان ٿو، رڳن تان تاڻ گهٽجيس ته پاڻيهي ننڊ ٿي ويندي.“

. . ... . ... ... . ... ... . ...

”جاڳو پيا؟“

”جيءُ، ها جاڳان پيو.“

”مونکي ته ننڊئي نه ٿي اچي.“

”جو سنيتا جي نوڪري خلاص ٿي وڃڻ جو خيال ٿي پيو اتيئي ڇا؟ پر هاڻي ته...“

”شوپا جي پيءُ جيڪي اڄ سنيتا کي ٿوڪون هنيون آهن اهي پيئون ياد اچن.“

”ڇا پيو چوي اهو نشئي؟ ڏاڍو ڪو پيسان نيچ تخم جو آهي.“

”تخم جوئي ڀانور اٿس. چوي ٿو اسان جهڙا نہ ڏيئرن کي پاڙهين نہ انهن جو نمڪ کائين. جو ڏيئرن جي نوڪري ڇڏي وڃي تہ روئڻو پوين.“

”ڇڏ انهيءَ جاهل جون ڳالهيون. اسان ۾ تہ ڏيءُ جو ڪونہ ڪاڏو آهي. جئن جئن ڇوڪريءَ کي پگهار ملندو هو. تيئن تيئن ويس هندين تي رکندو. وياج سو مون تنهنجي گهر ۾ خرچيو آهي باقي يارهن مهنن ۾ جيڪي ڪمايئين سو سڀ ثابت هندين تي رکيو اٿيئي. جيسين منهنجون ٻانهون سگهيون آهن تيسين تہ مونکي نياڻيءَ جي ڪوڏي ۾ نہ گهرجي.“

”مئو چوي ٿو. سنيتا نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ سهڻي ۾ ٿي آهي. ڪپڙو ۾ سٺو ٿي پائي. سو هاڻي ڪنهن ڇوڪري سان ڀڄي نہ وڃي تہ مونکي ڇئج!“

”چوڻ ڏي انهيءَ چريي کي. اسانجي گوبندرام جو پٽ وينو آهي نہ! هيئر نوڪري ۾ سٺي ملي اٿس. گهر ۾ ڪئي اٿن ٻئي مهني ئي نياڻي کي پرڻائي ڇڏجي. رقم سندس جيڪا جمع آهي اهلئي ڪيس ڪئش ڪٽي ڏبي. شاديءَ ۾ ۾ وڏو اپٽر ڪٽي نہ ڪنداسين.“

”مئي مونکي تہ طعنن سان اهڙو ڦٽي ڇڏيو آهي جو ڳالهئي نہ پڇو. پنهنجي ڌيئن کي نہ نوڪري ڪرائي نہ پرڻائي. وينو اچا وجهين. هليو آهي مونکي چوڻ تہ رات جو ڇوڪريءَ تي ڪڙي نگاهہ رکج متان ڀڄي نہ وڃيئي!“

”ڀڄي چو ويندي. سياڻي سمجهو آهي. اسانجي روڪ ٽوڪ ٿوروئي اٿس. جي پاڻ ڪنهن سان ۾ شادي ڪرڻ لاءِ چوندي تہ اسين تہ روڪ ٽوڪجڻ وارا ڪونہ آهيون.“

”اڙي پر هي ڀڏو! هي ٻاهر گوڙ ڀڏڻ ۾ اچيو ٿو؟“

”ترس مان ڏسي ٿو اچان.“

”ڪو چور چڪار هجي تہ؟... ماٺ ڪري وهو.“

”چور چڪار ڪي ۾ پڪڙي پوليس ۾ ڏيڻ ڪپي نہ!“

”در تہ نہ لاهيوس ڪير آهي؟ ڪير آهي؟“

”ديوڪا جي ماءُ“

”هن مهل!.... آهي ته سڪ؟ اچ اچ.“

ٻاهر پوليس بيٺي آهي. جهامن جي ڌيءُ شويا کي پڪڙي وٺي آيا آهن. سيتل ڊاڪٽر جي ڪمپائونڊر سان ڪلهه شام جو ڀڄي ويئي هئي.“ ديوڪا جي ماءُ اندر گهڙندي چيو.

”ستياناس! مئي پنهنجا ڏس ٿي ٻين کي ڏنا.“

”رام رام“

”ڪيڏو چوندي آهيانس، ڌيئن کي نوڪري ڪراءِ ته ڪا ڪلي هوا ڪٽين. چوي نوڪري ڪندڙ ڇوڪريون سڀ ڪڙيل ٿينديون آهن، هاڻي پاڻ ڏسي ڪير ٿيون ڪڙجن.“

”ٻلبلبيٺل پاڻي ڪڏون نه هٽندو، ته ڇا ڪندو؟“